قرآني بيان


# توحيد جا دلائل

مدني مراڪز (فيضانِ مدينه) ۾ شعبه امام مساجد (دعوتِ اسلامي)
جي تحت مسجدن جي لاءِ

**25-July-2025**

جمعة المبارڪ جو

(For Islamic Brothers)



مدني مراڪز (فيضانِ مدينہ) ۽ شعبہ امام مساجد (دعوتِ اسلامي) جي تحت مسجدن جي لاءِ

25 جولاءِ 2025ء (29 مُحرمُ الحرام 1447ھ) جمعة المبارک جو

قرآني بيان

بنام

# توحيد جا دلائل

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگھندؤ...

- ✿... زمين ۽ آسمان جي پيدائش ۾ حڪمتون
- ✿... امام شافعي جو هڪ مختصر مناظرو
- ✿... سمنڊ ۾ اميد ڪنهن لڳائي...؟
- ✿... نيڪ ماڻهن جي عبادت
- ✿... ڪثرت سان عبادت ڪرڻ جا فائدا
- ✿... دنيا ۾ اچڻ جو مقصد عبادت آهي

پيشڪش

اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَة

Islamic Research Center

(شعبہ: بياناتِ دعوتِ اسلامی)

FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786

GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ؕ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖن ؕ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

# درودِ پاڪ جي فضيلت

نبي اڪرم، نورِ مجسم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان عاليشان آهي: جنهن هي چيو : جَزَى اللهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَّا هُوَ اَهْلُهٗ تہ 70 ملائڪ هڪ هزار ڏينهن تائين ان جي لاءِ نيڪيون لکندا رهندا.[1]

مومنو! پڑھتے نہیں کیوں اپنے آقا پر درود | ہے فرشتوں کا وظیفہ اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَام [2]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

الَّذِیْ جَعَلَ لَكُمُ الْاَرْضَ فِرَاشًا وَّ السَّمَآءَ بِنَآءً ۠ وَّ اَنْزَلَ مِنَ السَّمَآءِ مَآءً فَاَخْرَجَ بِهٖ مِنَ الثَّمَرٰتِ رِزْقًا لَّكُمْ ۚ فَلَا تَجْعَلُوْا لِلّٰهِ اَنْدَادًا وَّ اَنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ﴿۲۲﴾

صَدَقَ اللهُ الْعَظِيْم وَصَدَقَ رَسُوْلُهُ النَّبِيُّ الْكَرِيْم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان سيپارو: 1، سُوْررت الْبَقَرة، آيت: 22 ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪئي، ان ڪان پهرين واري آيتِ ڪريمہ ۾ ڪجھ شيون بيان ٿيون: ۞ الله پاڪ هڪ آهي ۞ ان توهان کي بہ پيدا ڪيو ۞ توهان کان

[1]...معجم اوسط، جلد:1، صفحہ:82، حديث:235۔
[2]...قبالۂ بخشش، صفحہ:164۔

پهرين وارن کي به ان ئي ٻڌايو ۞ صرف اهو ئي هڪ خُدا عبادت جي لائق آهي ۞ تنهن ڪري اي انسانو! صرف ۽ صرف انهيءَ ربِ ڪريم جي عبادت ڪيو! ۞ ۽ اهو به ياد رکو ته ان عبادت جو فائدو الله پاڪ کي نه ٿيندو ڇو ته اهو ته بي نياز آهي، بلڪ عبادت جو فائدو توهان کي ئي ٿيندو جو توهان کي تقويٰ جهڙي انمول دولت نصيب ٿي ويندي.

هاڻي هيءَ آيتِ ڪريمہ جيڪا اڄ اسان جو موضوع آهي، ان ۾ الله پاڪ جي هڪ هجڻ ۽ صرف انهيءَ هڪ سچي خُدا جي عبادت جي لائق هجڻ جا ڪجھ وڏيڪ دليل ذڪر ڪيا ويا آهن. جيئن ته ارشاد ٿئي ٿو:

الَّذِیْ جَعَلَ لَكُمُ الْاَرْضَ فِرَاشًا وَّ السَّمَآءَ بِنَآءً۪ وَّ اَنْزَلَ مِنَ السَّمَآءِ مَآءً فَاَخْرَجَ بِهٖ مِنَ الثَّمَرٰتِ رِزْقًا لَّكُمْۚ فَلَا تَجْعَلُوْا لِلّٰهِ اَنْدَادًا وَّ اَنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ۝۲۲

(سيپارو: 1، البقرة: 22)

ترجمو ڪنزُ العرفان: جنهن توهان لاءِ زمين کي وڇاڻو ۽ آسمان کي ڇت بڻايو ۽ آسمان مان پاڻي وسايائين، پوءِ ان سان توهان جي کائڻ جي لاءِ ڪيئي ميوا پيدا ڪيائين، پوءِ توهان ڄاڻي واڻي الله جا شريڪ نه بڻايو.

يعني اي انسانو! ٿورو غور ته ڪريو! هڪ الله پاڪ، سچو خُدا ۞ حقيقي خُدا اهو ئي ته آهي جنهن توهان کي به پيدا ڪيو ۞ توهان جي ابن ڏاڏن کي به پيدا ڪيو، صرف ايترو ئي نه، ڪرم مٿان ڪرم فرمايو ۞ احسان مٿان احسان فرمايو ته توهان جي جيئڻ لاءِ طرح طرح جون نعمتون به عطا فرمايائين ۞ اهو ئي خُدا آهي جنهن توهان جي لاءِ زمين کي وڇاڻو بڻائي ڇڏيو ۞ آسمان کي توهان جي لاءِ ڇت بڻائي ڇڏيو ۞ انهيءَ ئي مينهن وسايو ۞ انهيءَ ئي زمين مان ميوا، گل، ٻوٽا، ڀاڄيون وغيره پوکيون، اهو سڀ ڪجھ ڪنهن جي لاءِ؟ صرف توهان جي لاءِ ته جيئن توهان زمين ۾ هلو، گهمو ڦرو، هتي رهائش اختيار ڪريو! ميون، گلن، ٻوٽن وغيره مان توانائي

حاصل ڪريو! ۞ مطلب ته ربِ ڪائنات توهان کي هڪ قطري مان انسان بہ بڻايو، توهان کي زندگي بہ بخشي ۞ پوءِ زنده رهڻ جا سمورا سبب بہ مهيا ڪري ڇڏيا! ڀلا ٻڌايو ته ڇا الله پاڪ کان سواءِ ڪو ٻيو آهي جيڪو اهو سڀ ڪجھ ڪري سگهي؟ نہ...!! بلڪل نہ، صرف اهو ئي سچو خُدا، قدرتن وارو ربّ آهي. تنهن ڪري ڪنهن کي ان جو شريڪ نہ بڻايو! صرف انهيءَ هڪ خداءِ پاڪ جي عبادت ڪيو![1]

سب کا پیدا کرنے والا، میرا مولا، میرا مولا
سب سے افضل، سب سے اعلیٰ، میرا مولا میرا مولا
سب کو وہ ہی دے ہے روزی، نعمت اس کی، دولت اس کی
رازِق داتا، پالن ہارا، میرا مولا میرا مولا
ہم سب اس کے عاجز بندے، وہ ہی پالے، وہ ہی مارے
خوبی والا، سب سے نرالا، میرا مولا میرا مولا
طاعت، سجدہ اُس کا حق ہے، اُس کو پُوجَو وہ ہی رب ہے
اللہ اللہ، اللہ اللہ، میرا مولا میرا مولا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## زمين ۽ آسمان جي پيدائش ۾ حڪمتون

پيارا اسلامي ڀائرو! غور فرمايو! ڪيتري پياري ۽ بلڪل آسان انداز ۾ توحيد جو مسئلو سمجهايو ويو آهي، اسان کي الله پاڪ کي سڃاڻڻو آهي، ان ۾ ڪا بہ مشڪل ناهي، پاڻ پنهنجي ئي وجود ۾ غور ڪيو! خدا جي سڃاڻپ ملي ويندي، پنهنجي چوڌاري موجود ڪائنات ۾ غور ڪيو! خداءِ پاڪ جي سڃاڻپ ٿي ويندي. ٿورو غور تہ فرمايو!

1...تفسيرِ نعیمی، پارہ:1،البقرہ، زیرِ آیت: 22 ،جلد:1 ،صفحہ:214-216خلاصتًہ

هيءَ زمين ڪهڙي قدرتن واري خدا ٺاهي آهي ۞ الله پاڪ زمين کي نہ تمام گهڻو سخت بڻايو، نہ تمام گهڻو نرم رکيو، جيڪڏهن زمين گاري وانگر تمام نرم هجي ها تہ اسان هتي بيهي نہ سگهون ها، جيڪڏهن پهاڙن ۽ لوهہ وانگر تمام گهڻي سخت هجي ها تہ بہ اسان جو هتي رهڻ ڏکيو ٿي وڃي ها ۞ الله پاڪ زمين کي تمام گهڻو گرم بہ نہ بڻايو، تمام گهڻو ٿڌو بہ نہ بڻايو، جيڪڏهن زمين تمام گهڻي گرم هجي ها تہ اسان گرميءَ سان مري وڃون ها، جيڪڏهن تمام گهڻي ٿڌي هجي ها تہ اسان ڏکي ڪري فنا ٿي وڃون ها ۞ زمين کي وڇائي وانگر بڻايو ويو، جيڪڏهن هيءَ زمين پٽ جي شڪل ۾ هجي ها تہ بہ اسان هتي نہ رهي سگهون ها ۞ امام غزالي رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: الله پاڪ زمين کي اتر طرف کان مٿي ۽ ڏکڻ طرف کان هيٺ بڻايو آهي، ان سان زمين ۾ لاٽ ٿي وئي، جيڪڏهن ائين نہ هجي ها تہ جيترو بہ مينهن وسي ها، سڄو پاڻي زمين تي بيهي رهي ها، پوري زمين پاڻيءَ سان پرجي وڃي ها ۽ هتي زندگي گذارڻ ناممڪن ٿي وڃي ها، هي ربِ ڪريم جي ڪمال حڪمت آهي، زمين کي لاٽ ڏنائين، جنهن سان پاڻي وهي سمنڊ ۾ پهچي ويندو آهي ۞ اهڙي طرح زمين ۾ جذب ڪرڻ جي صلاحيت رکي وئي آهي، زمين هر شيءِ کي پنهنجي اندر جذب ڪري وٺي ٿي، جيڪڏهن توهان کي ڪڏهن اتفاق ٿيو هجي تہ ڪٿي جيڪڏهن جانور مري وڃي تہ سخت بدبوءِ پکڙجي ويندي آهي، پوءِ آهستي آهستي زمين جا بيڪٽيريا ان جانور کي کائي ويندا آهن ۽ بدبوءِ ختم ٿي ويندي آهي، اندازو لڳايو! شروع کان هاڻي تائين ڪيترا جانور مئا آهن، هاڻي بہ هزارين مرن ٿا، جيڪڏهن زمين ۾ هي جذب ڪرڻ جي صلاحيت نہ هجي ها، زمين جا اهي بيڪٽيريا مئل جاندارن کي ايئن نہ کائين ها تہ پوري دنيا ڪهڙي مشقت ۾ هجي ها؟ هتي زندگي گذارڻ ڪيترو ڏکيو ٿي وڃي ها پر قربان وڃجي! الله پاڪ وڏين قدرتن وارو آهي، وڏين حڪمتن وارو آهي، هن زمين کي بڻائڻ ۾ جن جن حڪمتن جو لحاظ رکيو ويو آهي، اسان جي سوچ بہ ايستائين نٿي پهچي سگهي، پوءِ ٻڌايو! هي ڪافر ۽ مشرڪ جن شين کي خدا مڃين ٿا، جن جي سامهون مٿو رڳڙين ٿا، ڇا انهن مان ڪو هڪ بہ آهي جيڪو اهڙي زمين بڻائي سگهي؟ ناهي، بلڪل ناهي، هي هڪ

سچو خدا ئي حقيقي خالق آهي، انهيءَ ئي زمين ٺاهي، انهيءَ ئي آسمان ٺاهيا.[1]

تعریف اس خدا کی جس نے جہاں بنایا
کیسی زمیں بنائی، کیا آسماں بنایا
پاؤں تلے بچھایا کیا خُوب فرشِ خاکی
اور سر پہ لاجُورْدی اِک سائباں بنایا
خوش رنگ اور خوشبو گُل پُھول ہیں کھلائے
اس خاک کے کھنڈر کو کیا گلستاں بنایا
ہر چیز سے ہے تیری کاریگری ٹپکتی
یہ کارخانہ تُونے کب رائیگاں بنایا

پوءِ ٿورو غور فرمايو! هن دنيا ۾ زندگي جو سڄو دارومدار پاڻيءَ تي آهي. هاڻي الله پاڪ جي قدرت جو نظارو ڏسو! هن دنيا ۾ ڪيترا ماڻهو رهن ٿا؟ ٻڌايو وڃي ٿو: 8 ارب انسان آهن. پوءِ ٻڌايو وڃي ٿو: دنيا ۾ جيترا انسان هوندا آهن، ان کان 10 ڀيرا وڌيڪ جانور آهن. ان جو مطلب اهو ٿيو ته دنيا ۾ 80 ارب جانور آهن. پوءِ ٻڌايو وڃي ٿو ته دنيا ۾ جيترا جانور آهن، ان کان 10 ڀيرا وڌيڪ پکي هوندا آهن، تنهن ڪري 800 ارب پکي آهن ۽ پوءِ اربين، ڪربين ٻوٽا آهن، انهن سڀني کي روزانو پاڻي گهرجي ۽ الله پاڪ جي شان ڏسو ته الله پاڪ انهن سڀني کي روزانو پاڻي پهچائي رهيو آهي. دنيا ۾ پاڻي اچڻ جو هڪ ئي رستو آهي ۽ اهو آهي: مينهن. توهان چوندؤ: دنيا ۾ کوهه به آهن، آبشار به آهن، درياهه به آهن. پر ٿورو سوچيو ته اهي سڀ ٺهيا ڪيئن آهن؟ اڇو! ٿورو سمجهو! هن زمين جو تقريبن 67٪ حصو پاڻي آهي پر اهو پاڻي اسان جي استعمال جو ناهي، اهو سمنڊ جو پاڻي آهي، تمام کارو ۽ لوڻياٺو آهي. پر خدا جو شان ڏسو! انهيءَ ئي پاڻيءَ مان بخارات

1... رسائل امام غزالی، الحکمۃ فی مخلوقات اللہ عزوجل، باب فی حکمۃ خلق اللہ،صفحہ:10ملتقطًا۔

ٻڄندا آهن ۽ اهي مٿي آسمان طرف ويندا آهن. قدرت جو عجيب ڪرشمو ڏسو! روزانو ڪروڙين گيلن پاڻي مٿي وڃي رهيو آهي، ڪڪرن ۾ جمع ٿي رهيو آهي، توهان مان ڪيترن ئي ماڻهن جهاز ۾ سفر ڪيو هوندو، جڏهن اسان جهاز ۾ ڪڪرن ڪان مٿي اڏامي رهيا هوندا آهيون، ان ڪروڙين گيلن پاڻيءَ جي جمع ٿيڻ جي ڪا به ٽينڪي وغيره نظر ناهي ايندي، اهو ڪٿي جمع ڪيو ويو آهي؟ [1] ڪڪرن جي اندر...!! سُبْحٰنَ الله!

**وڏيڪ غور ڪريو!** اسان کي جيڪڏهن پاڻي صاف ڪرڻو هجي ته ڪروڙين روپين جا پلانٽ لڳايا ويندا آهن، ان ۾ ڪيميڪل وجهندا آهيون، ان جي باوجود ڪجھ ليٽر ئي پاڻي صاف ٿي سگهي ٿو ۽ اهو به ايترو مٺو ناهي هوندو، جيترو مٺو مينهن ۾ وسندو آهي. غور ڪرڻ جو مقام آهي: پاڻي جڏهن مٿي ويو ته انتهائي کارو ۽ لوڻيانو هو پر جڏهن مينهن جي صورت ۾ واپس آيو ته دنيا جو بهترين منرل واٽر بڻجي لهندو آهي. ان مينهن جي پاڻي کي قرآن ڪريم ۾ به مبارڪ پاڻي ٻڌايو ويو.

هاڻي هتي هڪ ٻيو مسئلو آهي، بخارات چو ته سمنڊ مان اٿندا آهن، تنهن ڪري مينهن انهيءَ ئي جڳھ تي وسندو، جتي سمنڊ آهن پر دنيا ۾ ڪيترائي اهڙا شهر، اهڙا ملڪ آهن جتي سمنڊ ئي ناهي ته ان جڳھ تي پاڻي ڪيئن پهچندو؟ الله پاڪ ٽرانسپورٽيشن سسٽم ٺاهيو، هوا ڪڪرن کي کڻي اوڏانهن ويندي آهي، جتي سمنڊ ناهن، اتي وڃي هي پاڻي وسندو آهي، هاڻي پاڻي ته هيٺ اچي ويو پر هڪ ٻيو مسئلو آهي، جيتري اسان کي ضرورت هئي، اوترو اسان استعمال ڪري ورتون ها، باقي پاڻي ته ضايع ٿي وڃي ها.

سُبْحٰنَ الله! الله پاڪ جي قدرتن تان قربان...!! ان ربِ ڪريم زمين کي هي صلاحيت ڏني آهي ته زمين پاڻي کي چوسي وٺندي آهي، هاڻي زمين جي اندر پاڻي جمع آهي، اسان کي جڏهن به ضرورت پوندي آهي، اسان بورنگ جي ذريعي پاڻي ڪڍي وٺندا آهيون، پوءِ دنيا جا جيترا به ٿڌا علائقا

1... رسائل امام غزالی،الحکمۃ فی مخلوقات اللہ عزوجل،باب فی حکمۃ خلق اللہ،صفحہ:14خلاصۃً۔

آهن، اهو ئي مينهن جڏهن اتي پوندو آهي ته پاڻي برف بڻجي جمع ٿي ويندو آهي، گليشيئر بڻجي ويندو آهي، سياري ۾ پاڻي ضروت گهٽ هوندي آهي، اسان جو گذارو ٿي ويندو آهي پر جڏهن اونهاري ۾ پاڻيءَ جي ضرورت وڌي ويندي آهي، اها برف ڳرندي آهي، آبشار بڻجندا آهن، نديون وهنديون آهن، واهه وهندا آهن ، دريائن جي ذريعي دنيا جي مختلف خطن ۾ پاڻي پهچايو ويندو آهي.

اَللّٰهُ اَكْبَر! جيڪو اسان کي نديءَ جي ذريعي، کوهن جي ذريعي، موٽر پمپ جي ذريعي پاڻي ملندو آهي، اهو سڄو پاڻي مينهن جي ذريعي ئي اسان تائين پهچندو آهي. هي ڪيترو وسيع نظام آهي جيڪو ربِ ڪائنات بڻائي ڇڏيو آهي، اها ئي نعمت آهي جنهن بابت الله پاڪ فرمايو:

وَّ اَنْزَلَ مِنَ السَّمَآءِ مَآءً (سيپارو: 1، البقرة: 22)

ترجمو ڪنزُالعرفان: اَن آسمان مان پاڻي لاٿو.

الله! الله! اهو ئي سچو خدا آهي، جنهن آسمان مان پاڻي وسايو، ڪروڙين، اربين، کربين مخلوق آهي، انهن سڀني جي ضرورت مطابق روزانو پاڻي پهچي رهيو آهي، ذرو ٻڌايو ته ڇا الله پاڪ کان سواءِ ڪو آهي جيڪو اهڙو وسيع نظام بڻائي سگهي...؟؟ نه، نه...!! اهڙو ڪو به ناهي، هي هڪ سچي خداءِ پاڪ جي ئي قدرت آهي، ۽ ڪنهن ۾ اهڙي طاقت ناهي.

خلقت جب پانی کو ترسے، رِم جھم، رم جھم برکھا برسے
ہر اِک پر رحمت کی نظر ہے، یااللّٰہُ! یااللّٰہ! ( 1 )

اي عاشقانِ رسول! اهي الله پاڪ جون قدرتون آهن، انهن ۾ جيترو غور ڪندا ويندا سين، صرف حيرت ۾ ئي اضافو ٿيندو، انساني عقل حيران رهجي ويندو آهي ته اهي ڪهڙيون عظيم قدرتون آهن، جيڪي اسان جي چوڌاري موجود آهن، اسان انهن کي ڏسون ٿا، انهن نعمتن کي استعمال ڪريون ٿا، اهي سڀ جون سڀ نعمتون، ڪائنات جو ذرو ذرو گواهي ڏئي رهيو آهي ته

1... وسائلِ بخشش، صفحه:92۔

ڪائنات جو خالق، ڪائنات جو مالڪ، سچو خدا، حقيقت ۾ عبادت جي لائق صرف هڪ ئي آهي، جنهن جو پيارو پيارو پاڪيزه نالو اللهُ آهي.

ڪنهن عربي شاعر چيو آهي:

وَفِي كُلِّ شَيئٍ لَهٗ آيَةٌ | تَدَلُّ عَلٰى اَنَّهٗ وَاحِدٌ

**ترجمو:** هر شيءِ ۾ ان جي قدرت جو نشان آهي، هر شيءِ ٻڌائي ٿي تہ اهو هڪ سچو خدا آهي.

اللہ واحد و یکتا ہے | ایک خدا بس تنہا ہے
کوئی نہ اس کا ہمتا ہے | ایک ہی سب کی سنتا ہے

لَآاِلٰہَ اِلَّااللہ، اٰمَنَّا بِرَسُوْلِ اللہ

ہر ہر ذَرَّہ ہر قطرہ | شاہد ہے ہر ہر لمحہ
اس کی قدرت و صنعت کا | یکتائی و وَحدَت کا

لَآاِلٰہَ اِلَّااللہ، اٰمَنَّا بِرَسُوْلِ اللہ (1)

## امام شافعي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جو هڪ مختصر مناظرو

هڪ ڀيري امام شافعي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه وٽ ڪجھ غير مسلم آيا، انهن امام شافعي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه کان سوال ڪيو: ٻڌايو! خدا جي وجود جي ڪهڙي دليل آهي؟ (شايد امام شافعي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه ان وقت شهتوت (توت) جي وڻ ويجهو وينا هئا، ان ڪري) فرمايائون: هي شهتوت جو وڻ ئي منهنجي قادر ۽ قيوم الله پاڪ جي وجود جي دليل آهي. غير مسلم چيو: اهو ڪيئن؟ فرمايائون: ڏسو! هن شهتوت جو پن جيڪڏهن هرڻ کائي تہ اهو مشڪ بڻجي ويندو آهي، انهيءَ ئي پن کي جيڪڏهن ٻڪري کائي تہ کير بڻجي ويندو آهي ۽ انهيءَ ئي پن کي جيڪڏهن ريشم جو ڪيڙو کائي تہ ان مان ريشم بڻجي ويندو آهي فَمَنِ الَّذِیْ جَعَلَ هٰذِهِ الْاَشْيَاءَ كَذَالِكَ مَعَ اَنَّ الطَّبْعَ وَاحِدٌ تہ پوءِ اهو ڪير آهي

---

1... سامانِ بخشش،صفحہ:32-33بتقديم و تاخير۔

جيڪو هڪ ئي پن کي ايترين شڪلين عطا فرمائيندو آهي، جڏهن تہ پن هڪ، ان جي طبيعت هڪ، (مٽيريل هڪ، بس ڪائڻ وارا جانور بدلبا ويندا آهن تہ ان پن مان تيار ٿيڻ واري شيءِ بدلجندي ويندي آهي. بس جيڪا ذات هڪ پن کي ڪڏهن مشڪ، ڪڏهن کير ۽ ڪڏهن ريشم بڻائيندي آهي، ان کي ئي خدا چوندا آهن)، هيءَ خوبصورت دليل ٻڌي اهي غير مسلم فورا ڪلمو پڙهي مسلمان ٿي ويا.[1]

ڪوئی تو ہے جو نظامِ ہستی چلا رہا ہے، وہی خدا ہے
دکھائی بھی جو نہ دے، نظر بھی جو آرہا ہے، وہی خدا ہے
سفید اُس کا، سیاہ اُس کا، نفس نفس ہے گواہ اُس کا
جو شعلۂ جاں کو جلا رہا ہے، بجھا رہا ہے، وہی خُدا ہے

## امام اعظم ۽ خدا جا انڪاري

امامِ اعظم، امام ابوحنيفہ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه تمام عقلمند هئا، جيڪي ماڻهو پنهنجي بيوقوفي ۽ بي عقليءَ سبب الله پاڪ جي وجود جو ئي انڪار ڪن ٿا، جن جو چوڻ آهي تہ دنيا خود ئي بڻجي وئي ۽ خودبخود ئي هلندي پئي وڃي، امامِ اعظم رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه پنهنجي دليلن جي ذريعي انهن جو جيئڻ ڏکيو ڪري ڇڏيو هو، ان ڪري اهي ماڻهو جن کي دَهريا چيو وڃي ٿو، امامِ اعظم رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جي جان جا دشمن بڻجي ويا، هڪ ڀيري امامِ اعظم رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه مسجد ۾ اڪيلا ئي هئا، دهرين موقعو ڏٺو تہ تلوارون ڪڍي ڪين شهيد ڪرڻ لاءِ اچي ويا، امامِ اعظم رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه وڏي اطمينان سان فرمايو: منهنجي هڪ سوال جو جواب ڏيو! پوءِ جيڪو چاهيو ڪري وٺجو. انهن چيو: ٻڌايو! ڪهڙو سوال آهي؟ فرمايائون: مان هن وقت هڪ وڏي سوچ ۾ آهيان: هڪ تمام وڏي ٻيڙي آهي جنهن ۾ طرح طرح جو تجارتي سامان آهي، پر نہ ڪو ان جو نگهبان آهي، نہ هلائڻ وارو آهي، ان باوجود اها ٻيڙي مسلسل سمنڊ ۾ سفر ڪري ٿي، سمنڊ جي طوفاني لهرن کي چيريندي گذري وڃي ٿي، بيهڻ جي جڳهہ تي بيهي ٿي ۽ هلڻ جي جڳهہ تي هلڻ لڳي ٿي. هاڻي اهي دهريا جيڪي

1... تفسير ڪبير، پاره:1، سورة بقره، زيرآيت:21-22، جلد:2، صفحہ:333۔

اوهان کي شهيد ڪرڻ لاءِ آيا هئا، انهن چيو: توهان ڪهڙي سوچ ۾ پئجي ويا، ڀلا ڪو عقلمند انسان ائين سوچي سگهي ٿو؟ ايڏي وڏي ٻيڙي، تجارتي سامان سان، طوفاني سمنڊ ۾ بغير هلائڻ واري جي ڪيئن هلي سگهي ٿي؟ امامِ اعظم رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمايو: بس اهو ئي ته مان چوڻ چاهيان ٿو. جڏهن هڪ ننڍڙي ٻيڙي بغير هلائڻ واري جي نٿي هلي سگهي ته پوءِ هي سڄي دنيا، زمين ۽ آسمان، سج، چنڊ تارا، سڀ ڪجهه پنهنجي ڪم تي لڳل آهن، پابندي سان وقت تي موسمون بدلجن ٿيون، وقت تي رات اچي ٿي، وقت تي ڏينهن چڙهي ٿو ته ايڏي وڏي ڪائنات بغير خالق ۽ مالڪ جي ڪيئن ٿي هلي سگهي؟ هي ڳالهه ٻڌي اهي جيڪي شهيد ڪرڻ آيا هئا، سيئي ڪلمو پڙهي مسلمان ٿي ويا. [1]

ڪوئی تو ہے جو نظامِ ہستی چلا رہا ہے، وہی خدا ہے
دکھائی بھی جو نہ دے، نظر بھی جو آرہا ہے، وہی خدا ہے

## انساني خواهشن تي پهرو لڳائڻ واري ذات

اهڙي طرح هڪ ڀيري امامِ اعظم رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه کان سوال ٿيو: اللّٰه پاڪ آهي، ان تي ڪهڙي دليل آهي؟ پاڻ فرمايائون: توهان ڏٺو ناهي ته والدين جي خواهش هوندي آهي ته اسان وٽ ڇوڪرو پيدا ٿئي؟ پر ان جي ابتڙ ٿيندو آهي، ڇوڪري پيدا ٿي ويندي آهي، ڪڏهن والدين جي خواهش هوندي آهي: ڇوڪري پيدا ٿئي پر ڇوڪرو پيدا ٿي ويندي آهي، بس اها ذات جيڪا انساني خواهش تي پهرو لڳائي پنهنجي قدرت جو اظهار ڪري رهي آهي، ان کي ئي اللّٰه چوندا آهن. [2]

کسی کو سوچوں نے کب سراہا ، وہی ہوا جو خدا نے چاہا
جو اختیارِ بشر پہ پہرے بٹھا رہا ہے، وہی خدا ہے

---

1... تفسیرِ کبیر،پارہ:1 ،البقرہ،زیرِ آیت:22 ،جلد:1،صفحہ:333۔
2... تفسیرِ کبیر،پارہ:1 ،البقرہ،زیرِ آیت:22 ،جلد:1،صفحہ:333۔

# سمنڊ ۾ اميد ڪنهن سان لڳائي...؟

اهلِ بيتِ پاڪ جي مشهور ۽ معروف شخصيت حضرت امام جعفر صادق رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه وٽ هڪ پيري هڪ دَهريو (Doubt) يعني خدا جي وجود جو انڪاري) آيو، امام جعفر صادق رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه ان کان پڇيو: ڇا تو ڪڏهن سمنڊ ۾ سفر ڪيو آهي؟ چيائين: جي ها! ڪيو آهي. فرمايائون: ڇا ڪڏهن سمنڊ ۾ ڪو خوفناڪ حادثو به پيش آيو. چوڻ لڳو: جي ها! فرمايائون: ان جي تفصيل ٻڌاءِ! هاڻي اهو دهريو چوڻ لڳو: هڪ ڏينهن ساموندي سفر دوران سخت خوفناڪ طوفاني هوا هلي، جنهن جي نتيجي ۾ ٻيڙي به ٽٽي وئي ۽ ملاح به ٻڏي مري ويو، مون ٽٽل ٻيڙي جي هڪ تختي کي پڪڙيو ۽ سمنڊ جي طوفاني لهرن تي سفر ڪرڻ لڳس، آخر ساموندي لهرن جي ڪري اهو تختو به منهنجي هٿ مان ڇڏائجي ويو، هاڻي مان بي سهارا ايڏي وڏي سمنڊ ۾ تري رهيو هيس، آخر ساموندي لهرن مون کي ڪناري تي اڇلائي ڇڏيو (۽ منهنجي جان بچي وئي). هي ٻڌي امام جعفر صادق رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمايو: جڏهن تون سمنڊ ۾ لٿي، توکي ٻيڙي ۽ ملاح تي اعتماد هو ته هن ٻيڙي جي ڪري مان سمنڊ پار ڪري ويندس، پوءِ جڏهن ٻيڙي ٽٽي وئي ته توکي ٻيڙي جي هڪ تختي تي ڀروسو ٿي ويو ته ان جي سهاري مان ڪناري تائين پهچي ئي ويندس، پوءِ جڏهن اهو تختو به هٿ مان ڇڏائجي ويو ۽ تون بلڪل بي سهارا رهجي وئين، ڇا ان وقت به توکي بچڻ جي اميد هئي؟ چوڻ لڳو: جي ها! مون کي اميد هئي. امام جعفر رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمايو: ان وقت ته ڪو به سهارو موجود نه هو، ان وقت ڪنهن تي اعتماد هو؟ ڪهڙي ڀروسي تي تون بچڻ جي اميد لڳائي رهيو هئين؟ هاڻي اهو شخص خاموش ٿي ويو. امام جعفر صادق رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمايو: ان خوفناڪ حالت ۾ به تنهنجي نه چاهيندي به جيڪا هڪ اميد ٻڌل هئي، جنهن هستي تي ڀروسو هو، ان کي ئي خدا چوندا آهن، انهيءَ ئي توکي ٻڏڻ کان بچايو آهي. اوهان جي هي حڪمت ڀري ڳالهه ٻڌي اهو شخص انهيءَ ئي وقت ڪلمو پڙهي مسلمان ٿي ويو.[1]

---

1... تفسير ڪبير،پاره:1 ،البقره،زير آيت:22 ،جلد:1،صفحه:333۔

نظر بھی رکھے، سماعتیں بھی، وہ جان لیتا ہے نیتیں بھی
جو خانہء لاشعور میں جگمگا رہا ہے، وہی خدا ہے

سُبْحٰنَ اللہ! پيارا اسلامي ڀائرو! خلاصو ھي تہ ھن دنيا جو ذرو ذرو، زمين، آسمان، چنڊ، سج، تارا، ميوا، گل، ٻوٽا، وڏا وڻ، وھندڙ درياھ، ڇوليون ھڻندڙ سمنڊ، خود اسان جو وجود، اسان جا ھلندڙ ساھ، اسان جا ھٿ، پير ۽ ٻيا عضوا، جيڪڏھن اسان غور ڪريون تہ اھو سڀ ڪجھ اللہ پاڪ جي وجود ۽ ان جي ھڪ ھجڻ جا واضح دليل آھن، بس ماڻھو غور تمام گھٽ ڪندا آھن. بھرحال! اللہ پاڪ آھي، ھڪ ئي آھي، اھو ئي سچو خدا آھي، اھو ئي خالق آھي، اھو ئي مالڪ آھي، اھو ئي ھڪ سچو خدا عبادت جي لائق آھي.

تُو ہی مالِک بحر و بَر ہے، یااللّٰہُ! یااللہ!
تُو ہی خالِق جنّ و بَشر ہے، یااللّٰہُ! یااللہ!
وَصف بیاں کرتے ہیں سارے، سنگ و شجر اور چاند ستارے
تسبیح ہر خُشک و تَر، یااللّٰہُ! یااللہ! (1)

## سوچڻ جي ھڪ ڳالھ

پيارا اسلامي ڀائرو! ھاڻي ھتي سوچڻ جي ھڪ ڳالھ آھي، اھا ھيءَ تہ اللہ پاڪ زمين ٺاھي، ڪنھن لاءِ؟ اسان لاءِ. آسمان ٺاھيو، ڪنھن لاءِ؟ اسان لاءِ، ڪڪرن جو نظام ٺاھيو، مينھن وسايو، ميوا، گل، ٻوٽا پوکيا، ھي پوري ڪائنات تخليق فرمائي، ڪنھن لاءِ؟ اسان جي فائدي لاءِ پر سوچڻ جي ڳالھ ھيءَ آھي تہ اللہ پاڪ اسان کي ڪنھن لاءِ پيدا فرمايو؟ ربِ ڪائنات فرمائي ٿو:

وَ مَا خَلَقْتُ الْجِنَّ وَ الْاِنْسَ اِلَّا لِیَعْبُدُوْنِ(۵۶) (سيپارو: 27، الذّٰريٰت: 56)

ترجمو ڪنزُ العرفان: ۽ مون جن ۽ انسان انھي لاءِ پيدا ڪيا تہ منھنجي عبادت ڪن.

---

1... وسائلِ بخشش،صفحہ:92ملتقطًا۔

اللّٰه! اللّٰه! معلوم ٿيو: سڄي ڪائنات بڻائي وئي، اسان لاءِ ۽ اسان کي عبادت لاءِ بڻايو ويو.

| | |
|---|---|
| جانور پیدا کئے تیری وفا کے واسطے | چاند، سورج اور ستاروں کو ضیاء کے واسطے |
| کھیتیاں سر سبز کیں تیری غذا کی واسطے | سب جہاں تیرے لئے ہے تُو خدا کے واسطے |

پوءِ غور فرمايو! ۞ زمين اسان لاءِ بڻائي وئي، اسان کي فائدو پهچائي رهي آهي؟ جي ها! پهچائي رهي آهي ۞ آسمان اسان لاءِ بڻايو ويو، اسان کي فائدو پهچائي رهيو آهي؟ جي ها! پهچائي رهيو آهي ۞ اهڙي طرح هوا، ڪڪر، مينهن، پاڻي، ميوا، گل، بوٽا وغيره اهو سڀ ڪجهه جنهن مقصد لاءِ بڻايا ويا، اهي پنهنجي ان مقصد کي پورو ڪري رهيا آهن؟ جي ها! بلڪل پورو ڪري رهيا آهن....!! هاڻي سوچيو! ڇا اسان پنهنجي مقصد کي پورو ڪري رهيا آهيون؟ اسان کي عبادت لاءِ بڻايو ويو، اطاعت لاءِ بڻايو ويو ۞ اسان نمازون پڙهون ۞ تلاوت ڪريون ۞ اللّٰه ۽ رسول جا فرمانبردار ٻانها بڻجون ۞ عزيز رشتيدارن سان ڀلائي ڪريون۞ پاڙيسرين جو خيال رکون ۞ مسلمان ڀائرن سان نيڪ سلوڪ ڪريون، نيڪ ڪم ڪري دنيا ۾ ڪامياب ۽ آخرت ۾ جنت جا حقدار بڻجي وڃون، اسان کي ان لاءِ بڻايو ويو، ڇا اسان اهو مقصد پورو ڪري رهيا آهيون...؟؟

افسوس! دنيا جي هر شيءِ پنهنجي پنهنجي ڪم ۾ مصروف آهي، هڪ انسان آهي جيڪو پنهنجي مقصد کي وساري ٻين ڪمن ۾ لڳل آهي.

## سڀ کان اهم ڪم ڪهڙو آهي؟

مشهور صوفي بزرگ مولانا جلال الدين رومي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: جيڪڏهن بادشاهه توهان کي ڪنهن خاص ڪم سان ڪٿي موڪلي، توهان رستي ۾ ٻيا ڪوڙ سارا ڪم ڪيو پر اهو خاص ڪم جنهن لاءِ بادشاهه موڪليو آهي، اهو ڪرڻ وساري ڇڏيو ته ٻڌايو ڇا بادشاهه توهان کان خوش ٿيندو؟ هرگز نه ٿيندو، بس انهيءَ ڪري دنيا ۾ انسان هر ڪم وساري ته وساري پر

هڪ ڪم آهي جيڪو هرگز نہ وسارڻ گهرجي ۽ اهو هڪ ڪم ڇا آهي؟ الله پاڪ جي عبادت ڪرڻ. جيڪڏهن تون چوين! مان هي هڪ ڪم (يعني عبادت) نٿو ڪريان تہ نہ سهي، ٻيا ڪوڙ سارا ڪم تہ ڪريان ٿو، ياد رک! انسان ٻين ڪمن لاءِ دنيا ۾ ناهي آيو، هي تہ ائين آهي جيئن تون تمام قيمتي لوھ جي انمول تلوار جيڪا صرف شاهي خزانن ۾ ئي ملندي آهي، حاصل ڪرين ۽ ان کي گوشت ڪٽڻ جي ڇري ٺاهي ڇڏين ۽ چوين: مون ان کي بيڪار ناهي رکيو. ڇا هي افسوس جو مقام ناهي؟ گوشت ڪٽڻ لاءِ معمولي ڇري بہ استعمال ڪري سگهجي ٿي، ان لاءِ ايتري قيمتي تلوار استعمال ڪرڻ ڇا عقل جي ڳالھ آهي...؟ اي انسان! الله پاڪ تنهنجي وڏي قيمت رکي آهي. ارشاد ٿئي ٿو:

| | |
|---|---|
| اِنَّ اللّٰهَ اشْتَرٰى مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ اَنْفُسَهُمْ وَ اَمْوَالَهُمْ بِاَنَّ لَهُمُ الْجَنَّةَ ؕ (سيپارو: 11، التوبہ: 111) | ترجمو ڪنزُ العرفان: بيشڪ الله مسلمانن کان انهن جون جانيون ۽ انهن جا مال ان جي عيوض خريد ڪري ورتا آهن ۽ انهن لاءِ جنت آهي- |

ڏس! الله پاڪ توکي، تنهنجي وقت، تنهنجي جان، تنهنجي مال ۽ ڪاروبار کي خريد ڪري ورتو تہ اهي شيون ان جي راھ ۾ خرچ ڪر تہ تنهنجي لاءِ هميشہ رهڻ واري جنت آهي، الله پاڪ وٽ تنهنجي اهڙي قيمت آهي، جيڪڏهن پاڻ کي دوزخ جي بدلي وڪڻي ڇڏين تہ پنهنجي پاڻ تي ظلم ڪرڻ وارو آهين.[1]

فرشتوں سے بہتر ہے انسان بننا | مگر اس میں لگتی ہے محنت زیادہ

## جيڪو پنهنجو مقصد پورو نہ ڪري، بيڪار هوندو آهي

مشهور مفسرِ قرآن، حڪيم الامت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه اسان کي مثال جي ذريعي سمجهائيندي فرمائن ٿا: دنيا جي هر شيءِ ڪنهن

1...فِيْہِ مَا فِيْہِ، صفحہ:8-

نہ ڪنهن مقصد لاءِ ٺهيل آهي، جيڪو ڪو ان جي خلاف استعمال ڪري، ان کي چريو، ديوانو چوندا آهن، جيڪو ٽوپي کي پيرن ۾ پائي ۽ جوتو مٿي تي رکي اهو ديوانو ئي تہ آهي، اهڙي طرح جيڪا شيءِ پنهنجو مقصد پورو نہ ڪري، اها بي قيمت ۽ بيڪار هوندي آهي، جيڪڏهن گهڙي وقت ئي نہ ٻڌائي تہ اڇلائڻ جي لائق آهي ۽ جيڪڏهن ٻڪري، ڳئون کير وغيره نہ ڏين تہ قاصائي کي ڏني ويندي آهي، بس انسان بہ عبادت لاءِ ٺهيو آهي، جيڪڏهن ان مقصد جي برخلاف هلي تہ چريو بہ آهي ۽ بيڪار بہ.

وڌيڪ فرمائن ٿا: جيڪڏهن اسان پنهنجو مقصدِ حيات پورو نہ ڪيو تہ سمجهي وٺو تہ نمرود جڏهن خدائي جي دعويٰ ڪئي تہ مڇر ان جي دماغ ۾ گهڙي ايترو تہ پريشان ڪري ڇڏيو جو ڏينهن رات ان جي مٿي تي جوتا لڳندا هئا، ان بدبخت پنهنجي دماغ کي خلافِ مقصد استعمال ڪيو، عبادت ڪرڻ بدران، پنهنجي عبادت ڪرائڻ جو خواهشمند ٿيو تہ جوتو جيڪو پيرن ۾ پاتو ويندو آهي، پيرن بدران ان جي مٿي تي پهتو، جنهن جي مٿي ۾ عبادت جو خيال آهي ان تي تاج آهي ۽ جنهن مٿي ۾ نفساني خواهشون آهن، ان تي جوتو آهي.[1]

زِندگی آمد برائے بندگی | زِندگی بے بندگی شرمندگی

**وضاحت:** هيءَ زندگي اسان کي الله پاڪ جي عبادت لاءِ ملي آهي ۽ جيڪڏهن اسان عبادت نہ ڪري سگهياسين تہ هيءَ زندگي، زندگي ناهي! بلڪ شرمندگي آهي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## انسان جي اصل عزت ڇا آهي؟

اعليٰ حضرت جا والد، مولانا نقي علي خان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: سيني ڪمالات جو اصل عبادت آهي ۽ انسان جي اصل عزت بارگاهِ الٰهي ۾ سر

1...مَواعظ نعيميہ، صفحہ:57-59 خلاصةً.

جهڪائڻ ۾ ئي آهي.[1] حديثِ پاڪ ۾ آهي: مَنْ تَوَاضَعَ لِلّٰهِ رَفَعَهُ الله جيڪو الله پاڪ لاءِ جهڪي، الله ان کي بلندي عطا فرمائيندو آهي .[2] سيپارو 22، سُوْرَةُ الْفَاطِرِ، آيت: 10 ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

| | |
|---|---|
| مَنۡ كَانَ يُرِيۡدُ الۡعِزَّةَ فَلِلّٰهِ الۡعِزَّةُ جَمِيۡعًا ؕ (سيپارو: 22، الفاطر: 10) | ترجمو ڪنزُ العرفان: جيڪو عزت جو طلب گار هجي تہ سڀ عزت الله ئي وٽ آهي. |

هن آيت جي تفسير ۾ حضرت قتاده رَضِيَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: مَنْ كَانَ يُرِيْدُ الْعِزَّةَ فَلْيَتَعَزَّزْ بِطَاعَةِ الله جيڪو عزت چاهي، ان کي الله پاڪ جي اطاعت ۾ طلب ڪري يعني عزت خدا جي بندگي سان حاصل ٿيندي آهي.[3]

## بڏاءِ ڇا ڪيو تو رب لاءِ...؟

هڪ ڀيري حضرت شيخ شبلي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ماڻهن کي وعظ فرما رهيا هئا، پاڻ روزِ قيامت، حساب، ڪتاب وغيره بابت بيان فرمايو، ماڻهو سندن بيان ٻڌي دانهون ڪري روئڻ لڳا، انهيءَ دوران حضرت ابوالحسن نوري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جو اتان گذر ٿيو، پاڻ فرمايائون: اي شبلي! قيامت جو حساب تمام ڏکيو هوندو، ان جو خلاصو صرف اهي ٻہ ڳالهيون آهن، فرمايو ويندو: (1):مَنْ تُرَا بُوْدَمْ (2):تُو كَرَا بُوْدِى يعني اي ٻانها! اسان تہ تنهنجا هئاسين (جو اسان تنهنجي لاءِ سڀ ڪجهہ بڻايو)، هاڻي تون ٻڌاءِ تہ تون ڪنهن جو هئين...؟ تو زندگي ڪنهن جي طلب ۾ گذاري آهي؟

---

1... انوارِ جمالِ مصطفٰے صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم، صفحہ:323 ملخصًا۔
2... كَنْزُ الْعُمَّال، كتابُ الْاَخْلَاق، جز:3، جلد:2،صفحہ: 50، حديث:5732۔
3... تفسير خازن، پاره:22،سورۂ فاطر، زير آيت:10، جلد:3، صفحہ:453۔ 3

فلک کا تجھے شامیانہ دیا، زمیں پر تجھے آب و دانہ دیا
ملے آبشاروں سے بھی حوصلے، پہاڑوں میں تجھ کو دیئے راستے
یہ پانی، ہوا اور یہ شمس و قمر، یہ موجِ رواں، یہ کنارہ، بھنور
یہ بارش، یہ سردی، یہ گرمی، یہ دُھوپ
یہ چہرہ، یہ قد اور یہ رنگ و رُوپ
اور اس پر کتابِ ہدایت بھی دی، نبی بھی اُتارے، شریعت بھی دی
غرض کہ سبھی کچھ ہے تیرے لئے، بتا کیا کِیا تو نے میرے لئے؟

اي عاشقانِ رسول! اسان کي سوچڻ گهرجي تہ اللّٰہ پاڪ جا اسان تي ڪيترا انعام آهن، ان اسان کي بغير گهرڻ جي، بغير طلب ڪرڻ جي ڪيترو ڪجھ عطا فرمايو آهي. اسان ان جو ڪيترو شڪر ادا ڪندا آهيون؟ ان جي حضور ڪيترو جهڪندا آهيون؟ يقيناً اهو بي نياز آهي، ان کي اسان جي سجدن جي، اسان جي شڪر جي، اسان جي عبادتن جي ڪا بہ حاجت ناهي پر اسان تہ ٻانها آهيون، اسان جو تہ حق آهي تہ ان جي اطاعت ۽ فرمانبرداري ڪريون، ان جو حڪم مڃون ۽ صرف ۽ صرف انهيءَ هڪ حقيقي سچي خدا جي عبادت ۾ زندگي گذاريون. اللّٰہ پاڪ اسان سيني کي عمل جي توفيق نصيب فرمائي. اٰمِیْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

رہے ذِکر آٹھوں پہر میرے لب پر | ترا یااِلٰہی! ترا یااِلٰہی!
مری زِندگی بس تیری بندگی میں | ہی اے کاش! گزرے سدا یا اِلٰہی!
نہ ہوں اشک برباد دُنیا کے غم میں | مُحَمَّد کے غم میں رُلا یااِلٰہی! (1)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

1... وسائلِ بخشش، صفحہ:106۔

# ماهوار فيضانِ مدينہ ايپلي ڪيشن

پيارا اسلامي ڀائرو! عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوت اسلامي جي آئي، ٽي ڊپارٽمينٽ هڪ تمام پياري موبائل ايپلي ڪيشن جاري ڪئي آهي، ان جو نالو آهي: ماهوار فيضان مدينہ (Mahnama Faizan e Madina) هن ايپلي ڪيشن ۾ هاڻي تائين جاري ٿيل سڀ ماهوار P.D.F جي صورت ۾ موجود آهن، ان کان علاوه ۞ سڀني ماهوارن جا مضمون (آرٽيڪل) ٽيڪسٽ جي صورت ۾ موجود آهن جن کي ڪاپي ڪري شيئر ڪري سگهجي ٿو ۞ سهولت لاءِ سرچ آپشن بہ ڏنو ويو آهي، جنهن جي مدد سان ماهوار جو ڪو مضمون وغيره ڳولهي بہ سگهجي ٿو. توهان بہ هي ايپلي ڪيشن پنهنجي اسمارٽ فون ۾ انسٽال ڪري ونو ۽ ٻين کي بہ ترغيب ڏياريو.

بيان کي اختتام طرف آڻيندي هڪ شرعي مسئلو عرض ڪريان ٿو:

## درست ڇا آهي؟

(درست شرعي مسئلو ۽ عوام ۾ موجود غلط فهمي جي نشاندهي)

**مسئلو:** صَفَرُ المظفّر جي مهيني ۾ ڪو بہ جائز ڪم مثلاً تعميرات وغيره ڪرڻ منحوس ناهي.

**وضاحت:** عوام ۾ موجود هڪ غلطي هيءَ بہ آهي تہ بعض ماڻهو هن مهيني ۾ ڪم ڪرڻ کي نقصان ڪار ۽ منحوس سمجهندا آهن، اصل ۾ ائين ناهي. صفر جي مهيني ۾ تعميرات يا ٻيو ڪو بہ جائز ڪم ڪري سگهجي ٿو، شريعت ۾ ان جي ڪا بہ ممانعت ناهي ۽ هن مهيني ۾ ڪم ڪرڻ کي نقصانڪار ۽ منحوس سمجهڻ غلط ۽ بي اصل آهي ۽ اهڙي سوچ زمانہ جاهليت ۾ موجود هئي جنهن کان اسلام منع ڪيو. پڻ صفر المظفر ۾ پياري آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي طبيعت ناساز ٿي هئي پر ان جي ڪري هن مهيني کي منحوس نٿو چئي سگهجي، جيڪڏهن ائين هجي تہ جنهن مهيني ۾ حضورِ اڪرم، نُورِ مُجَسَّمْ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ظاهري وصال شريف ٿيو، ان کي وڌيڪ منحوس قرار

ڏيٺو پوندو جيڪو سراسر باطل آهي.[1] اللّٰه پاڪ اسان کي درست اسلامي احڪام سکڻ ۽ انهن تي عمل ڪرڻ جي توفيق نصيب فرمائي.

اٰمِيۡن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## اَسماءُ الحسنيٰ جون برڪتون (وظيفو)

### يَا خَبِيْرُ

جيڪو ڪو نَفْسِ اَمَّارَه جي هٿان گرفتار هجي ته يَاخَبِيْرُ جو هر روز وظيفو ڪري وٺي، اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! نجات حاصل ڪندو.[2]

اللّٰه پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيۡن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم

---

1...مختصر فتاوى اہلسنت، قسط:1، صفحہ:219، فتاوى نمبر:192بتغير قليل۔

2...مدنی پنج سورہ، صفحہ:250۔